سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ

# ڪليڪٽو

ڊسمبر، 2011ع

بنيادي پيشقدميون

## قيدي ٻارن لاءِ تعليمي سهولتون




تعليم ڪنهن بہ معاشري ۾ ترقي جي راهہ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ اها انساني حقن جي بنيادي ضرورت منجهان پڻ هڪ آهي. گذريل ٻن ڏهاڪن کان هيل تائين سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (ايس اِي ايف)ڪوششون وٺي رهيو آهي تہ سنڌ جي پنتي پيل علائقن جي ڪميونٽيز لاءِ بنيادي تعليم جي رسائيءَ کي بهتر کان بهتر انداز ۾ ممڪن بڻايو وڃي. ان ڪوشش کي اڳتي وڌائيندي ايس اِي ايف ٻاران ننڍي پئماني تي قيدي نوجوانن جيڪي معاشري جو انتهائي ڏتڙيل ۽ ڏکاريل حصو آهن، جنهن لاءِ سکيا ۽ تعليم حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي اهو مقصد رکي ڪري ننڍي عمر جي قيدين لاءِ جيل اسڪول پروجيڪٽ (جَي ايس پي) شروع ڪيو ويو آهي. هي پروگرام پهرين مرحلي ۾ سکر سينٽر جيل اندر جيل انتظاميا جي درخواست تي شروع ڪيو ويو آهي. تعليمي پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ نيڊ اسسمينٽ تحت جيل جو دورو ڪيو ويو تہ جيئن جيل جي حساب سان نصاب کي ترتيب ڏيئي سگهجي ۽ مخصوص گروپ ان مان وڌ کان وڌ لاڀ حاصل ڪري سگهن. هن پروجيڪٽ ۾ فنڪشنل لٽريسي، حساب، سماجي اڀياس ۽ زندگي جي مهارتن کي شامل ڪيو ويو ۽ ان سان گڏ ايڪسلريٽيڊ لرننگ ماڊل کي پڻ هن نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ اهڙي ماحول کي جوڙڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي جنهن تحت قيدي شاگرد پنهنجو پاڻ کي اڳتي آڻين ۽ سندن ذهني ڪارڪردگي بهتر ٿئي بلڪہ سندن باهمي عمل جي مهارت پڻ اڀري نروار ٿئي.

هن پروجيڪٽ جي شروعات ۾ 30 کان 40 قيدي ٻار جن جي عمر 08 کان 15 سال آهي فائدو حاصل ڪندڙن ۾ شامل هوندا. ٻن سالن جي هن پروجيڪٽ ۾ قومي نصاب جي پرائمري سطح لاءِ ايڪسلريٽيڊ ۽ تيز ترين گڏيل نصاب جنهن ۾ ٽيڪسٽ بڪ وارو نصاب شامل آهي تحت ايس اِي ايف ٻاران تعليم ڏياري ويندي. ان سان گڏ سپليمينٽري مواد، استادن جي ڀرتي، تربيتون، پگهار ۽ پروجيڪٽ نگراني ۽ نظرداري جا حصا شامل هوندا. ان ڪانسواءِ 9 ۽ 10 ڊسمبر 2011ع تي ٻن ڏينهن تي مشتمل تربيتن ڏيندڙن لاءِ تربيتن جو بندوبست ڪيو ويو. هي تربيتون سکر ضلعي ۾ ٿي گذريون جنهن بعد 5 ڏينهن تي مشتمل مهارتن ۾ اضافي وارا سيشن 9 کان 13 ڊسمبر 2011ع تي جيل اسڪول لاءِ مقرر ڪيل 3 استادن لاءِ ڪرايا ويا. هن تربيتن ۾ استادن کي تيز ترين نصاب بابت تعارفي سيشن ڪرايو ويو جيڪو جيل اسڪول لاءِ منظور ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ هن تربيتن ۾ تدريسي حڪمت عمليون ۽ منصوبابنديون، لاڳو ڪرائڻ ۽ تشخيصي طريقيڪار تي استادن کي هن دوري دوران آگاهي فراهم ڪئي وئي. اها اميد ڪجي ٿي تہ هن طرح جو ڪنيل قدم، جيل جي قيدي ٻارن کي فائدو ڏيندو جنهن تحت اهي پاڻ مرادي ترقي حاصل ڪندا ۽ تعليم جي انهن سهولتن تحت جيل مان نڪرڻ کانپوءِ عزت واري زندگي گذاريندا، جڏهن تہ فني مهارتن ۾ ملندڙ تربيت کين هڪ ذميوار مردَ جي سڃاڻپ پڻ ڏيندي.





صوبائي وزير جيل خانا جات ۽ قانون محترم جناب اياز سومرو سکر جيل ۾اسڪول جو افتتاح ڪندي

## پي پي آر ايس فيز 3 لاءِ 185 نوان اسڪول شامل

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن 2009ع ۾ ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ ورلڊ بينڪ جي گڏيل سهڪار سان "پروموٽنگ پرائيويٽ اسڪولنگ ان رورل سنڌ (پي پي آر ايس)" جو افتتاح ڪيو جنهن جو مقصد سنڌ جي ڏورانهن علائقن جي ٻارن لاءِ معياري تعليم جي رسائي آهي. هن پروجيڪٽ تحت 300 اسڪول فيز 1 ۽ 2 ۾ کوليا ويا. هر ٻار هر مهيني مالي سهائتا پڻ پروجيڪٽ جي فيز



1 ۽ 2 جي فنڪشنل اسڪولن ۾ ڏني وئي. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جا ٽيڪسٽ بڪ، اسڪولي ٿيلها انهن 300 ساٿي اسڪولن ۾ ايس اِي ايف پاران موادي سهائتا واري ذمري تحت ڏنا ويا. ان کانسواءِ تعليمي مواد، استادن جي پيشيوراڻي مهارتن کي وڌائڻ ۽ انٽرپرينيوئرز جي اسڪول جي حوالي سان ليڊرشپ ۽ اثرائتي اسڪول مئنجمينٽ جي پڻ فائونڊيشن طرفان تربيتون ڪرايون ويون.

پي پي آر ايس جي فيز 3 جي پهرين مرحلي تحت 185 اسڪول قائم ڪرڻ جون درخواستون چونڊيون ويون. درخواستن ملڻ بعد انهن جي جانچ پڙتال ڪئي وئي جنهن کانپوءِ 10 چونڊيل ضلعن ۾ ريسرچ فرمن ذريعي انهن جي فيلڊ ويريفڪيشن ڪئي وئي. نون چونڊيل انٽرپرينيوئرز لاءِ ڪلسٽر بيسڊ تعارفي سيشن ڪرايو ويو جنهن ۾ ڪين اسڪول جي قيام ۽ انتظام ۽ شراڪتدار جي حيثيت جي حوالي سان سندن ذميوارين ۽ ڪردار کي واضح ڪيو ويو، ان دوران نون انٽرپرينيوئرز ۽ فائونڊيشن وچ ۾ معاهدن تي صحي ڪئي وئي. نئين اسڪولن جي شروعات لاءِ شاگردن جي مالي سهائتا تحت سبسڊي جي پهرين قسط (Tranches)، او يو پي جا نصابي ڪتاب ۽ شاگردن جا اسڪولي ٿيلها اسڪولن جي حوالي ڪيا ويا. پي پي آر ايس فيز ٽئين جي ٻئي ۽ ٽئين مرحلي جي لاءِ پهتل درخواستن جي ڊيٽا گڏ ڪئي وئي. پي پي آر ايس جي ٽئين فيز جي پهرين مرحلي جي اسڪولن جي چونڊ کانپوءِ ٽئين مرحلي جي ٻئي ۽ ٽئين رائونڊ لاءِ پهتل درخواستون ويري فڪيشن سروي لاءِ تيار ڪري ڏنيون ويون.

## 1300 نجي اسڪولن لاءِ ادارتي سهائتا

فائونڊيشن جي انٽيگريٽيڊ ايجوڪيشن لرننگ پروگرام (آئي اِي ايل پي) سموري سنڌ ۾ 1300 نون ۽ اڳ موجود اسڪولن جي سهائتا جو دائرو وڌائي ڇڏيو. هن پروگرام ذريعي نجي ۽ سرڪاري ادارن جنهن ۾ حڪومتِ سنڌ، اين جي اوز، سي بي اوز، فرد انٽرپرينيوئرز کي گڏائي ڪري ڪم ڪيو پيو وڃي تہ جيئن صوبي اندر معياري تعليم ۾ بهتري (جنهن ۾ پرائمري، ايليمينٽري ۽ سيڪنڊري سطح)۽ پهچ ۾ واڌارو ٿي سگهي. جنهن بعد معاهدي تي صحي واري تقريب ۽ پهرين مالي سهائتا واري سبسڊي جي قسط (ٽماهي – اپريل ۽ جون) آگسٽ 2012 دوران جاري ڪيون ويون. اُهي مالي قسطون 1300چونڊيل ۽ اڳ موجود ساٿي اسڪولن کي ڏنيون ويون تہ جيئن تدريسي عمل جو سلسلو بهتر انداز سان معيار جي ذمري ڏانهن وک وڌائيندو رهي. سال جي آخري ٽماهي ڏاري سيني ساٿي اسڪولن لاءِ انسپيڪشن سروي ڪرايو ويو. انسپيڪشن دوران گڏ ڪيل ڊيٽا جنهن ۾ حاضري ۽ هيڊ ڪائونٽ تحت ڊيٽا گڏ ڪيو ويو هو، ان تحت ٻي مالي قسط جاري ڪئي ويندي. هن انسپيڪشن سروي دوران ڪوڙ سارين ٻين ڳالهين کي پڻ مدِ نظر رکيو ويو جنهن ۾ انفراسٽڪچر، فنڊ جو استعمال، تعليمي ۽ انتظامي سطح تي مهارتن ۾ اضافي جي ضرورت جهڙن اهم پهلوئن کي پڻ سامهون رکيو ويو.

نومبر 2011 ڌاري 500 کان وڌيڪ اسڪول آپريٽرز لاءِ تربيت جو بندبست ڪيو ويو جنهن ۾ انتظامي ۽ مالياتي رهبري مهيا ڪئي وئي. اسڪول آپريٽرز جي مهارتن ۾ اضافي سان اها خاطري ٿيندي آهي تہ بنيادي سطح تي تعليمي سهولتون مهيا ڪرڻ جي حوالي سان سندن ڪردار ۽ ذميواريون واضح ٿي وينديون جڏهن تہ معياري تعليم واري مقصد کي سندن تربيتن ذريعي بهتر انداز سان اڳتي وڌائي سگهجي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي تربيتون ڪين تعليمي ۽ گڏوگڏ ادارتي مضبوطي کي سمجهڻ ۾ مدد ڪنديون.

## سرڪاري اسڪولن ۾ آندل بهتري

فائونڊيشن جو ايڊآپٽ اي اسڪول پروگرام (اي اي ايس پي) سرڪاري ۽ نجي شراڪتداري تي منحصر آهي ۽ اهو نجي سيڪٽر ۽ سول سوسائٽي کي سرڪاري اسڪولن جي بهتري لاءِ آماده ڪري ٿو. اُنهن اسڪولن ۾ جانچ پڙتال ۽ اسڪول سهائتا وارو دورو ڪيو ويو جنهن ۾ داخلا، حاضري سان گڏ هنج وٺندڙن طرفان اسڪول لاءِ ڪيل ڪوشش، اسڪول باڊيز جو ڪردار وغيره بابت انگ اکر گڏ ڪيا ويا. پروگرام ٽيم پاران ٽيچ فار پاڪستان (ٽي ايف پي) ۽ سٽيزن آرڪائيو آف پاڪستان (ڪيپ) کي ڪوڙ سارن اسڪولن لاءِ سهائتا مهيا ڪئي، جيڪي پروگرام سان گڏجي ڪري تعليمي واڌاري لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. ان کانسواءِ موبلنڪ طرفان فائونڊيشن کي اسڪول بيگز ڏنا ويا هئا جيڪي ڪراچي ۾ اي اي ايس پروگرام هيٺ هلندڙ ٽن سرڪاري اسڪولن کي پهچايا ويا. نون هنج وٺندڙ اسڪولن لاءِ اي اي ايس پي جي ٽيم پاران هنج وٺندڙن کي اسڪول جو دورو ڪرائڻ لاءِ نيڊ اسسمينٽ سروي ڪيو

ويو. اسڪولن جي بهتري لاءِ منصوبو جوڙيو ويو ۽ اسٽيڪ هولڊر جي اسڪول ميئنجمينٽ، هنج ونندڙ ۽ سرڪاري نمائيندن سان گڏجاڻيون ڪرايون ويون.

ايس اِي ايف پارن پوئين ڇهن مهينن دوران 18 اسڪول هنج ونرائڻ واري عمل ۾ مدد ڪئي وئي تہ جيئن سرڪاري اسڪولن ۾ معياري تعليم جو سلسلو ٻيهر ڪان جڙي سگهي جنهن جي تفصيل هي آهي:

- پاڪستان نيول سروسز پاران هڪ اسڪول هنج ورتو ويو.
- جناب زاهد لطيف پاران هڪ اسڪول مٽياري ضلعي ۾ هنج ورتو ويو.
- راوين ايجوڪيشن سروسز ٽرسٽ اينڊ جستجو پاران ڪراچي ۾ 10 اسڪول هنج ورتا ويا.
- ڪيئر فائونڊيشن پاران ڪراچي ۾ 6 اسڪول هنج ورتا ويا

# سي ڊي سي جا پورهيت ٻارَ: تبديلي واري وک ۾ سڀ کان اڳڀرا

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران پورهيت ٻارن لاءِ چائلڊ ليبر ايجوڪيشن پروگرام (ڪليپ) شروع ڪيو ويو تہ جيئن پورهيت ٻار تعليم حاصل ڪري سگهن ٻي صورت ۾ پورهيت ٻارن لاءِ اهو ممڪن نہ هو. ڪليپ جو چائلڊ




ڊويلپمينٽ سينٽر وچ ڪراچي جي صنعتي حصي ۾ هلي رهيو آهي. هن مرڪز جي شروعات کان ئي ٻارن کي پاڻ مرادو اڳتي وڌڻ لاءِ مشورا ۽ ڪردار سازي جون سرگرميون ڪرائڻ، تعليم، تفريح ۽ غيرنصابي سرگرمين ذريعي پاڻ مرادي شعور ۽ آگاهي طرف مائل ڪرائڻ ۽ صحت ۽ حفاظت جي ڄاڻڪاري ذريعي پاڻ مرادي ڪفالت ڪرائڻ هو.

سي ڊي سي جي ٻارن پاڻ کي ثابت ڪري ڏيکاري تہ اهي ٻار ڪنهن کان گهٽ ناهن جڏهن انهن سيف گارڊ جي "ڊزائن فار چينج" واري مقابلي ۾ نہ فقط حصو ورتو پر مقابلو ڪٽيو. هن مقابلي ۾ سموري پاڪستان مان 700 اسڪول جي 35000 ٻارن حصو ورتو اهي ٻار 3 کان 8 درجي جا هئا. هن مقابلي جو مقصد هو ٻارن کي سندن آس پاس موجود مسئلن جي آگاهي ۽ ان کي حل ڪرڻ لاءِ ڪين سوچڻ لاءِ مصروف ڪرڻ. سي ڊي سي جي 5 شاگردن هڪ مددگار جي سهائتا سان "ڪتابن جي مرمت وارو پروجيڪٽ" چونڊيو ۽ ان جي حل پڻ، جيڪو انهن تمام جلدي ۾ مڪمل ڪيو جنهن تحت ڪين "تيز ترين اثر" واري زمري ۾ آٽي بيهاريو ۽ مقابلو ۾ 35 انعام حاصل ڪندڙن ۾ سي ڊي سي جا ٻار شامل ٿي ويا. هن پروجيڪٽ تحت ٻارن اسڪول جي لائبريري ۾ موجود پراڻن ڪتابن جي مرمت ڪرڻ شروع ڪئي جنهن ۾ ڦاٽل پنن کي ڪوئنر سان چنبڙايو ۽ نڪتل پنن کي سبيو ۽ پوءِ انهن جي جلدبندي ڪئي جنهن ڪانپوءِ اهي ڪتاب ٻيهر پڙهڻ جهڙا ٿي پيا.

29 نومبر، 2011 ۾ سي ڊي سي جي ٻارن کي نجي چينل دعوت ڏني جنهن ۾ ڪائنن انٽرويو ڪيو ويو تہ انهن کي اهو آئيڊيو ڪين ڪيئن آيو ۽ انهن ڪهڙي طرح ان مسئلي جي حل جو تدارڪ ڳولهيو ۽ ان کي سڀني اڳيان سلهاڙيو. ٽماهي دوران سي ڊي سي جي ٻارن کي تفريحي سرگرميون پڻ ڪرايون ويون تہ جيئن انهن جي ڪارڪردگي ۽ ذهني نشوونما ۾ بهتري ۽ واڌارو اچي. ان سلسلي ۾ هڪ تعليمي دورو ڪراچي جي مقامي هنڌ پلينيٽيريئم جو ڪرايو ويو. ان ڪانسواءِ ڪين تعليمي ميلي ۾ گهمايو ويو جنهن جو مقصد ٻارن جي پڙهڻ جي عادتن ۾ واڌ اچي ۽ اهي پڙهائي طرف رجحان وڌائين ۽ تخليقي صلاحيتون حاصل ڪن جنهن سان اهي پاڻ ۾ ڪا بہ احساس ڪمتري محسوس نہ ڪندا ۽ اڳتي هلي ڪري اهي ٻار معاشري جو ڪارگرد ۽ مثبت فرد ثابت ٿيندا.

# عورتن جي ترقي ۽ بهتريءَ ڏانهن پيشقدميون

وومينز لٽريسي اينڊ ايمپاورمينٽ پروگرام (وليپ) ايس اِي ايف جو هڪ اهم قدم آهي جنهن ۾ عورتن بنيادي تعليم، مهارتن، سجاڳي ۽ ڪميونٽي جي معاملن ۾ مصروف رکڻ واري موقعا فراهم ڪري ڪين پاڻيرائپ طرف آندو ويندو آهي. هن وقت تائين 13 وومينز لٽريسي اينڊ ايمپارمينٽ سينٽرز (وليسز) ڪم ڪري رهيا آهن جيڪي سيوهڻ ۽ ملير ڪراچي ۾ هلي رهيا آهن جنهن مان 380 سکيا حاصل ڪندڙ عورتون فائدو حاصل ڪري رهيون آهن. انهن مرڪزن ۾ عورتن کي پاڻ مرادو اڳتي وڌڻ بابت ڄاڻ ۽ موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن جنهن سان نہ فقط سينٽر ۾ ايندڙ عورتن ۽ سندن ڪٽنبن کي پر وڏي پئماني تي ڪميونٽي کي پڻ فائدو حاصل ٿي رهيو آهي.



گذريل 6 مهينن کان وليپ سينٽر ۾ مختلف بيمارين بابت آگاهي وارا سيشن ڪرايا پيا وڃن (خصوصي طور تي ڊينگي جي حوالي سان) جنهن نہ فقط انهن بابت معلومات پر انهن کان بچڻ جي طريقيڪار کي پڻ واضح ڪيو ويو. چاڪاري، صحت ۽ بچاءُ جي سيشن سان گڏ ڪيترائي ثقافتي ۽ تفريحي پروگرام پڻ ڪرايا ويا جنهن ۾ خصوصي ٻارن جو ڏيهاڙو، اقبال ڏيهاڙو، عيد الاضحيٰ وغيره جنهن ۾ مرڪز جي سکندڙن عورتن سان گڏ ڪميونٽي جي ميمبرن پڻ دلچسپي سان حصو ورتو. تازو وليپ پاران لرننگ فيسيليٽيٽرز (ايل ايفز) جي اڻ ٿڪ محنت ۽ ڪوشش جيڪي انهن مرڪز ۾ سکيا حاصل ڪندڙ عورتن لاءِ ڪين بنيادي تعليم، حساب ۽ مهارتون سيکارڻ جي لاءِ ڪيون بابت پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سکيا حاصل ڪندڙ ۽ سکيا ڏيندڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. وليپ پاران ڪرايل هن پروگرام ۾ ايس اِي ايف پاران 300 سرٽيفڪيٽ سکندڙن کي 23 اپريسئيشن شيلڊز سکيا ڏيندڙن ۾ ورهايون ويون. ان ڪانسواءِ هن پروگرام ۾ پروفيسر ريحانہ مغني (پروگرام ايڊوائيزر ايس اِي ايف) کي پڻ سندس وليپ جي لاءِ ڪيل اڻ ٿڪ محنتن جنهن سان عورتن جي سکيا ۽ ترقي ٿي سگهي تي ايوارڊ پيش ڪيو ويو. ان ڪانسواءِ هڪ ايوارڊ ايس ڊي ايس جي هيڊ محترم غفار ملڪ کي پڻ ڏنو ويو جيڪو فائونڊيشن جي ساٿي اين جي او سان وابستہ آهي ۽ وليپ سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي.

## اسڪول کان ٻاهر وارن ٻارن لاءِ ايڪسلريٽيڊ لرننگ پروگرام



250 رورل بيسڊ ڪميونٽي اسڪول (آر بي سي ايس) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي زير نگراني هلي رهيا آهن جنهن کي مقامي ساٿي اين جي اوز جي مدد سان هلايو پيو وڃي. هن پروگرام تحت سنڌ جي 10 چونڊيل ضلعن جن ۾ ڪراچي، ڄامشورو، حيدرآباد، ميرپور خاص، سانگهڙ، دادو، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، خيرپور ۽ سکر ۾ معياري تعليم جي پهچ کي اسڪول کان ٻاهريا وڏي عمر جي ٻارن کي تعليمي سهولتون مهيا ڪري ڏيڻ آهي تہ جيئن اهي ٻار قومي نصاب طور تي پرائمري جي سطح جي ڪامپيٽينسي کي 3 سالن اندر پورو ڪري سگهن. هن پروجيڪٽ ۾ 13000 ٻار داخل آهن جن کي سندن ئي علائقي جا تربيت يافتہ مقامي استاد پڙهائي رهيا آهن. پوئين ٽماهي تحت تيز ترين نصاب ۽ بهترين 1 ۽ 2 ساٿي اين جي اوز ۾ ورهايا ويا تہ جيئن اهي 250 اسڪولن ۾ ان نصاب کي پهچائن. ان ڪانسواءِ انهن ساٿي اسڪولن سان پرفارمينس رويو جون گڏجاڻيون پڻ ڪيون ويون جنهن ۾ اسڪول جي ڪارڪردگي ۽ ڪين پيش ايندڙ مشڪلاتن کي نوٽ ڪيو ويو ان ڪانسواءِ انتظامي ۽ تدريسي سطح تي اثرائتي مداخلت بابت پڻ بحث ڪيو ويو.

## شاگردن جي سکيا ۾ واڌاري لاءِ معياري قدم

امپروونگ ڪوالٽي آف ايجوڪيشن پروگرام جي حصي هجڻ طور تي معياري تعليم کي بهتر انداز سان لاڳو ڪرائڻ جي سلسلي طور ايس اِي ايف پاران گذريل سالن ۾ قدم کنيا ويا، جنهن ۾ استادن جي پيشيوراڻين مهارتن ۾ اضافي جا قدم ان ڪانسواءِ سکيا وارو مواد اسڪولن تائين رسائڻ، اسڪول سپورٽ مڪينزم تہ جيئن پروجيڪٽ جي لاڳو ڪرائڻ واري عرصي دوران ان ڳالهہ کي يقيني بڻائي سگهجي تہ بنيادي سطح تي اسڪول جي بهتري لاءِ ڪم ڪري سگهجي.

ان سلسلي ۾ ايس اِي ايف پاران اسڪول جي دورن جو هڪ تسلسل شروع ڪيو ويو تہ جيئن استادن جي تربيتن جي عمل کي لاڳو ڪرائي سگهجي ۽ بعد جي معيار کي ۽ اسڪولن کي ڏنل سکيا واري مواد جي استعمال کي پرکي سگهجي. ان ڪانسواءِ شاگردن جي تشخيص پڻ ڪئي وئي تہ جيئن معيار لاءِ کنيل قدم جي اثرن کي پرکي سگهجي جيڪا شاگردن جي سکيا واري عمل لاءِ هئي. ان ڪانسواءِ حيدرآباد ڪلسٽر جي 30 چونڊيل اسڪولن جي ڪارڪردگي جانچڻ پڻ شامل هو تہ جيئن اهو معلوم ڪري سگهجي تہ پروگرام پاران اسڪولن لاءِ مهيا ڪيل باهمي سکيا وارو ماحول ڪيتري قدر ڪارگر آهي، ان مقصد لاءِ پڻ شاگردن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪولن ۾ پڙهائڻ سيکارڻ واري ماحول ۾ بهتري ۽ واڌاري بابت کنيل قدم جيڪي معياري تبديلي ذريعي حاصل ٿيا ان طرف ڌيان ڏيارين ٿا. استادن جي ترقي ۽ عمل درآمد ڪرائيندڙ جي مهارتن ۾ اضافي وارو عمل انتهائي اهم آهي ۽ ڇاڪاڻ جو سکيا ڏيندڙن جو خود واضح ٿيڻ ضروري آهي تہ جيئن اهي استادن کي بهتر انداز سان سيکاري سگهن ۽ هن سڄي مرحلي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ فائونڊيشن پاران جولاءِ کان ڊسمبر 2011 تائين ڪرايل پيشيوراڻين مهارتن جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:



## پرائمري اسڪولن جي استادن لاءِ نصاب بابت تعارفي ويهڪون



ايس اِي ايف جي پروموٽنگ پرائيويٽ اسڪولنگ ان رورل سنڌ پروجيڪٽ مقصدن کي سامهون رکندي 22 جولاءِ کان 30 جولاءِ 2011ع تائين فائونڊيشن جي ايل ايس يونٽ پاران 9 ڏينهن تي مشتمل ويهڪن جو بندوبست ڪيو ويو، هي ويهڪون پروجيڪٽ جي 10 ضلعن ۾ هڪ ئي وقت ڪرايون ويون جنهن ۾ 297 پي پي آر ايس جي ساٿي اسڪولن (فيز 1 ۽ 2)مان 6000 استادن شرڪت ڪئي، ويهڪن ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس جي نصاب بابت آگاهي فراهم ڪئي وئي. گريڊ 1 ، 2 ۽ 3 لاءِ گيٽ اي هيڊ سيريز جي نصاب جو تعارف ڪرايو ويو. پي پي آر ايس فيز 1 جي استادن پاران گيٽ اي هيڊ سيريز بڪ 2 لاءِ ريفريشر ۾ شرڪت ڪئي وئي ان دوران فيز 2 جي استادن کي گيٽ اي هيڊ سيريز 1 جي نصاب جو بهتر تعارف پڻ ڪرايو ويو. ان ڪانسواءِ گيٽ اي هيڊ جي گريڊ 3 جي سيريز جو تعارف گريڊ 3 جي استادن (فيز 1 اسڪولز) کي تعارفي سيشن ڪرايو ويو. هن ريفريشر ڪرائڻ جي مقصدن ۾ استادن کي پڙهائڻ جي مشقن دوران تنقيدي سوچ ۽ مشق ڪرائڻ جا موقعا حاصل ٿي سگهن ۽ ريفريشر ذريعي انهن کي موقعو ملندو آهي ته اهي مختلف گريڊ جي ٻارن کي پڙهائڻ بابت پنهنجا تجربا سلهاڙين ۽ ٻارن کي پڙهائڻ جا اثرائتا طريقيڪار پڻ سيني کي ٻڌائين.

## اثرائتي اسڪول انتظامڪاري لاءِ پيشيوراڻي ترقي

ايس اِي ايف جي مقصدن ۾ معيار تعليم پڻ آهي جنهن لاءِ فائونڊيشن پاران بنيادي سطح تي اسٽيڪ هولڊرز جي پيشيوراڻي مهارتن ۾ اضافو ڪرائڻ لاءِ ڪين تربيتون ڏياريون وينديون آهن ته جيئن اسڪولن ۾ تدريسي ۽ انتظامي بنهي حوالن سان معيار ڏسڻ ۾ اچي. ان مقصد تحت 3 ڏينهن تي مشتمل تربيتن جو بندوبست ڪيو ويو جيڪو هڪ ئي وقت سنڌ جي ستن ضلعن ۾ ڪرايو ويو جنهن حيدرآباد، لاڙڪاڻو، نوابشاهه، ميرپورخاص، سکر، دادو ۽ ڪراچي شامل آهن. هي ويهڪون 1 کان 3 جون 2011ع تي ڪرايون ويون جنهن ۾ 369 اسڪول آپريٽرز (فردن) ۽ 136 ساٿي اسڪولن جي 895 نمائندن جيڪي آئي اِي ايل پي جي نون چونڊيل اسڪولن منجهان هئا شرڪت ڪئي.

ان ڪانسواءِ اڳ موجود اسڪول آپريٽرز لاءِ ڪراچي ۾ 15 کان 17 نومبر 2011ع تي تربيتن جو بندوبست ڪيو ويو، جنهن 94 اسڪول انٽرپرينيوئرز شرڪت ڪئي.هن تربيتن ۾ تدريسي حوالي سان اهم پهلوئن ۽ اسڪولي انتظامڪاي جي ذميوارين ۽ اسڪول آپريٽرز جي ذميوارين بابت ڪين سمجهايو ويو ته جيئن اسڪول بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن. ان ڪانسواءِ "اسڪول هڪ تنظيم" وارو نظريو ۽ مالي ۽ انتظامي گائيڊ لائين پڻ متعارف ڪرائي وئي ان ڪانسواءِ هڪ مينوئل جيڪو خصوصي طور تي اسڪول آپريٽرز لاءِ تيار ڪيو ويو هو بحثيت گائيڊ لائين جي سو پڻ تربيتن دوران اسڪول آپريٽرز کي ڏنو ويو.

## بالغن کي تعليم ڏيندڙ سهولتڪارن لاءِ تربيت



فائونڊيشن جي 10 ڪميونٽي لرننگ سينٽرز (سي ايل سي) جي ايڊلٽ لرننگ فيسليٽيٽرز (ايل ايفز) کي 9 کان 12 ڊسمبر 2011ع تائين ريفريشر تربيت ڪرائي وئي ته جيئن مرڪز جي عورتن کي بنيادي حساب ۽ بنيادي لٽريسي جنهن ۾ سنڌي ، انگريزي ۽ اردو شامل آهن سيکاري سگهجي.

هن تربيت ذريعي 10 مرڪزن ۾ داخل 250 سي ايل سي جي سکندڙن لاءِ بنيادي خواندگي جنهن تحت اهي مؤثر ۽ ڪارگر زندگي گذاري سگهندا . ان ڪانسواءِ بنهي ضلعن نوشهرو فيروز ۽ خيرپور جي 10 مرڪزن جي ايل ايفز کي سي ايل سي جي مؤثر انتظامڪاري، بالغن کي پڙهائڻ بابت طريقيڪار ۽ ڪميونٽي ۾ موبلائيزين جي طريقيڪار بابت تربيت پڻ ڪرائي وئي، اهڙي تربيت ۽ سکيا سان سهولتڪارن ۾ نظرياتي پختگي جنهن سان ڪين نصابي مضمونن جي سمجهه وڌي ٿي .

# پورهيت ٻارن لاءِ تعليمي ويهڪون

پورهيت ٻارن جي ڄاڻڪاري، تنقيدي سوچ ۽ اعتماد ۾ اضافي لاءِ 2011ع جي پوئين ٽماهي دوران سي ڊي سي جي استادن ٻاران ٻاهمي سکيا وارا سيشن



ڪرايا جنهن ۾ ٻارن تمام دلچسپي سان حصو ورتو جنهن ۾ ”موبائيل فون جون خوبيون ۽ خاميون“ ۽ مهارتون بهتر آهن تعليم کان“. ان ڪانسواءِ ”زندگي جي مهارتن“ تي تعارفي سيشنز منعقد ڪرايا ويا جنهن ۾ بطور اسپيڪر جناب سراج الدين شيخ (مقامي ـ ڪاروباري شخصيت) جنهن پنهنجي زندگي جي باري ۾ سندس ڪوشش ۽ ڪاميابين بابت تجربا سلهاڙيا. ان ڪانسواءِ آڪٽوبر جي مهيني ۾ ڪميونٽي جي سجاڳي /ڄاڻ لاءِ سي ڊي سي شيرشاهه ۾ سيشن منعقد ڪرايو ويو جنهن کي پروفيسر ريحانه مغني (پروگرام ايڊوائيزر ايس اِي ايف) خطاب ڪيو، هن سيشن جو عنوان هو ”ٻارن ۾ رويـن جي تبديلي“. هن سيشن ۾ ڪميونٽي سان واسطو رکندڙن 18 ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن ۾ مائرون پڻ شامل هيون. هن سيشن جو مقصد ٻارن جي نشوونما واري خصوصيات ۽ ٻارن ۾ تبديل ٿيندڙ رويـن جي سببن کي سمجهڻ ۽ وڌندڙ عمر جي ٻارن ۾ جذباتي تبديلين بابت بحث ڪرڻ هو ته جيئن اهي سندن مزاجن آهر ٻارن سان رويو رکي سگهن.

وڌيڪ اهو ته فائونڊيشن جي ساٿي هجڻ جي حوالي سان انٽيل ٻاران چائلڊ ڊويلپمينٽ سينٽر جي استادن جي ڪمپيوٽر جي حوالي سان مهارتن ۾ اضافي ڪرائڻ ۽ ڪين هن ٽيڪنالوجي بابت متعارف ڪرائڻ هو ته جيئن اهي استاد پنهنجي شاگردن کي بهتر انداز سان ڪمپيوٽر جي باري ۾ پڙهائي سگهن. انهي حوالي سان 2 ڏينهن تي مشتمل هڪ تربيت جنهن جو عنوان ”ايزي اسٽيپس_ اي بيسڪ ڪورس آف ڪمپيوٽر ايجوڪيشن“ هو جيڪو ”انٽيل“ ٻاران ايس اِي ايف جي هيڊ آفيس ۾ منعقد ڪرايو ويو. هي سيشن 18 کان 19 جولائي 2011ع دوران ڪرايو ويو، جنهن ۾ انٽيل جي ٽرينرز ٻاران تربيتون ڪرايون. هن تربيتن ۾ سي ڊي سي جي 11 استاد ، پرنسپل ۽ پروگرام اسٽاف شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ڪمپيوٽر جي بنيادي مهارتن جو تعارف ڪرايو ويو، ته جيئن اهي پاڻ ڪمپيوٽر سکندا ۽ ڪمپيوٽر کان ونجندڙ ڪم ڪاربون سهل تي سگهن ۽ نئين ٽيڪنالوجي کي شاگردن ڏانهن منتقل ڪيو وڃي.

# ٻار _ دوست: سکيا واري ماحول بابت تربيت

فائونڊيشن جي ”امپروونگ ڪواليٽي آف ايجوڪيشن پروگرام (آئي ڪيو اِي پي)“ جي استادن لاءِ 5 ڏينهن تي مشتمل تربيتن جو بندوبست ڪيو ويو هي تربيت گريڊ 3 کان 5 گريڊ جي استادن لاءِ هئي جنهن جو عنوان ”ڪانٽينٽ انهينسمينٽ اينڊ سبجيڪٽ بيسڊ ٽيچنگ اسٽريٽجيز ۽ اسسمينٽس اينڊ اٽس ٽُولز“ هو، هي سيشن 27 سيپٽمبر کان 11 آڪٽوبر 2011ع تائين جاري رهيو ۽ هن سيشن ۾ حيدرآباد ڪلسٽر جي 53 استادن شرڪت ڪئي. هن سيشن ڪرائڻ جو مقصد پرائمري سطح تي پڙهائجندڙن مضمونن جنهن ۾ حساب، انگريزي، سائنس ۽ سماجي اڀياس جي مضمونن کي استادن لاءِ واضح ڪرڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقڪار ۽ منصوبابندين بابت تصورن کي واضح ڪرڻ هو.

# فائونڊيشن جي اسٽاف لاءِ سکيا جا سيشن

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ٻاران پنهنجي اسٽاف جي مهارتن ۾ اضافي لاءِ معمول مطابق تربيتن جو بندوبست ڪيو ويندو آهي جنهن سان نه فقط انهن جي مهارتن ۾ اضافو ٿيندو آهي پر انهن کي ڪم جي گهٽائي جنهن تحت ڪين مشڪلات پيش اينديون آهن ۾ پڻ بهتري ايندي آهي. پوئين ٽماهي دوران سکيا واريون ويهڪون مختلف ماهرن سان منعقد ڪيون ويون جنهن ۾ ڪراچي جي اسٽاف شرڪت ڪئي.





ان سلسلي ۾ هڪ ويهڪ ”صوفي ازم ۽ امن“ جي عنوان سان 26 جولائي 2011ع تي منعقد ڪرائي وئي جنهن ۾ نالي واري ناول نگار، شاعر ڪهاڻيڪار، ڪالم نويس ۽ سينئر جرنلسٽ جناب آغا سليم کي دعوت ڏني وئي. آغا سليم کي، سنڌ جي صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو انگريزي ۽ اردو ترجمو ڪرڻ جي حوالي سان پڻ تمام گهڻي پذيرائي ملي آهي. هن پنهنجي ڪم جي حوالي سان معاشري ۾ پيار ۽ امن کي لاڳو ڪرائڻ تي تمام گهڻو زور ڀريو ته صوفين، عام فهم رکندڙ ماڻهن کي پيار ۽ امن بابت تلقين ڪئي آهي. هن پنهنجي ترجمي واري ڪم جي حوالي سان پيش آيل مشڪلاتن ۽ جنهن ۾ ترجمي جو اصل روح لفظن ۾ آڻڻ لاءِ جاکوڙ ۽ صبر واري ڪم کي سرانجام ڏيڻ ورتل ڪوشش کي سلهاڙيو.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻي ويهڪ 16 نومبر 2011ع تي نالي واري ناولسٽ ۽ پلي رائيٽ محترمه فاطمه ثريا بجيا سان ڪئي وئي جنهن جو عنوان ”عام رواجي تعليم کانسواءِ سکيا“ هو. ان موقعي تي ڪائنس سندس زندگي جي تجربن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. محترمه بجيا صاحبه تعليم، ثقافت ۽ سماجي قدرن تي تمام گهري انداز سان ڳالهائيندي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اصل سکيا عام رواجي تعليم کان هٽي ڪري پنهنجي ماحول، ثقافت ۽ سماج مان حاصل ٿيندي آهي عام رواجي تعليم اهي شيون ايتري واضح انداز ۾ نٿي سيکاري. هن موجوده تعليمي نظام کي ٻيهر کان سرسري جائزي وٺڻ ۽ ان ۾ پنهنجي ثقافت ۽ سماجي قدرن کي شامل ڪرڻ تي زور ڀريو ته جيئن ٻارن لاءِ سکيا جي ماحول ۾ وسعت پيدا ٿئي، جنهن بابت سندس راءِ اها هئي ته ان سان معاشري ۾ مثبت تبديلي رونما ٿيندي.

ايس اِي ايف اسٽاف ٻاران هن سکيا واري ويهڪن مان گهڻو ڀرايو جيڪو نه فقط انهن جي پيشيوراڻي پر ذاتي شخصيت ۾ تبديلي آڻيندو.

## تحقيق ۽ جانچ پڙتال واريون سرگرميون

ايس اِي ايف پنهنجي سيني ساٿي پروگرامن ۽ پروجيڪٽس جي اسڪولن جي باظابطہ بنيادن تي تحقيق، جانچ پڙتال، تشخيص ۽ جائزي جي آزمائش ڪندو پيو اچي تہ جيئن اسڪولن جي بهتري لاءِ ڪنيل قدمن کي جانچي سگهجي ۽ ڪارڪردگي بابت گڏ ڪيل ڊيٽا ڪانپوءِ نتيجن کي پروگرامن ۽ پروجيڪٽس جي بهتري لاءِ لائحہ عمل تيار ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ ڪيل سرگرمين بابت تفصيل هيٺ ڏجن ٿا:

پي پي آر ايس پروجيڪٽ فيز 3 جي رائونڊ 2 ۽ 3 لاءِ مليل درخواستن جي ڊيٽا ڪلينننگ ۽ جانچ پڙتال ڪئي وئي. ان کان پهرين رائونڊ 1 جي لاءِ مليل درخواستن جي جانچ پڙتال ۽ چونڊ وارن مرحلن مطابق ٿي ۽ پوءِ انهن جي تصديقي سروي ريسرچ فرمن ذريعي ڪرائي وئي. هارڊ ڊيٽا کي فيلڊ دوران اڳ موجود سافٽ ڊيٽا سان ڀيٽيو ويو تہ جيئن ڪو فرق هجي تہ ان کي ختم ڪجي پوءِ بنهي ڊيٽا کي ڀيٽي چونڊ جو مرحلو مڪمل ڪيو ويو ۽ پهرين مرحلي تحت 185 درخواستگذار اسڪول ڪولڻ لاءِ چونڊيا ويا.


آر ايم اينڊ اِي پاران انٽي گريٽيڊ لرننگ ايجوڪيشن پروگرام (آئي اِي ايل پي) جي اسڪولن جي انسپيڪشن سروي دوران نگراني ڪئي 6 ضلعن: سکر، شڪارپور، خيرپور، جيڪب آباد، نوشهروفيروز ۽ گهوٽڪي ۾ پروجيڪٽ جي ساٿي اسڪولن جو دورو ڪيو ويو. هن سروي واري دوري دوران شاگردن جي داخلا، تربيتن جي اثرن جنهن کي استادن جي تصورن، نصاب جي حساب سان ڪارڪردگي ۽ اسڪولن جي انفرااسٽرڪچر جي حالتن بابت انگ اکر گڏ ڪيا ويا. بعد ۾ آئي اي ايل پي جي ساٿي اسڪولن مان گڏ ڪيل تفصيلن کان آگاهہ ڪيو ويو تہ جيئن تعليم جي معيار بابت ڪين آگاهي ملي سگهي ۽ اهي بهتر انداز سان اڳتي وڌن.

ڊبليو ايل اِي پي جي سالياني فيلڊ مانيٽرنگ ڪراچي ۽ ڄامشورو جي 13 بالغ سڪنڊڙ جي مرڪزن ۾ ڊسمبر 2011ع ۾ ڪرائي وئي. هن ٽيم پاران وليپ سان لاڳاپيل سيئي پاسن جنهن ۾ تدريسي ۽ انتظامي ۽ گڏوگڏ عمارت جو فزيڪل انفرااسٽرڪچر جي مڪمل جانچ پڙتال ڪئي وئي. فيلڊ ورڪ مڪمل ڪيو ويو ۽ ڊيٽا جي تشخيص وارو عمل جاري آهي. هن جانچ پڙتال جا نتيجا مددگار ٿيندا جن جڳهين تي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي

ايڊاپٽ اي اسڪول پروگرام (اي اي ايس پي) لاءِ جانچ پڙتال واري سروي ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور ۾ ڊسمبر 2011ع دوران ڪئي وئي. هن سروي ۾ 100 کان مٿي اسڪولن جي انسپيڪشن سرگرمي ڪئي وئي. هن انسپيڪشن سروي واري سرگرمي ڪرڻ جو مقصد استادن کي ڏنل تربيتن بعد جي ڪارگردگي کي جانچڻ هو تہ جيئن اسڪولن ۾ معياري تعليم کي پرکي سگهجي. ان ڪانسواءِ سروي دوران معلومات ۽ ڊيٽا جنهن ۾ فزيڪل انفرااسٽرڪچر، استادن ۽ شاگردن جي حاضري ۽ داخلا، تدريس سان لاڳاپيل اسٽاف جو ريڪارڊ ۽ هنج ونندڙن پاران ڪيل خدمتن بابت معلومات جيڪا انهن سرڪاري اسڪول ۾ تعليم جي معيار کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪيون هيون تن کي دستاويزي شڪل ڏني وئي.

## ملازمن لاءِ اخلاقي ضابطِ ڪار جي ڪتابچي جو مقامي ٻولي ۾ ترجمو




حڪومتِ پاڪستان 2010ع ۾ ملازمن لاءِ اخلاقي ضابطہ ڪار جو قانون پاس ڪيو ويو. هي قانون نوڪرين واري جڳهين تي جنسي طور تي هيسائڻ بابت آهي. هن قانون کي "نوڪري واري جڳهہ تي عورتن کي جنسي طور تي هيسائڻ کان محفوظ رکڻ وارو قانون 2010ع" جو نالو ڏنو ويو. هن قانون جو مقصد سڀني تنظيمن، سرڪاري، نجي ۽ سول سوسائٽي کي اهڙو موقعو فراهم ڪرڻ آهي تہ جيئن اهي پنهنجي اندروني معاملن جن ۾ جنسي بنيادن تي هيسائڻ شامل آهي. هي قانون لاڳو ڪري مسئلن کي پنهنجي دائري ڪار ۾ رهندي حل ڪري سگهبو ۽ ڪو بہ ادارو هن قانون تحت پنهنجي اداري ۾ بهترماحول جوڙي سگهي ٿو. فائونڊيشن هن ڪتابچي جو مقامي ٻولين سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو ڪري پنهنجي اسٽاف ۽ سنڌ ۾ پنهنجي سمورن اسڪول ۽ اسٽيڪ هولڊرز کي ڏنا ويا آهن. هن اخلاقي ضابط کي لاڳو ڪرڻ ڪانپوءِ ڪا بہ تنظيم هن قانو تحت تڪميل ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجي آفيس جي ماحول کي جنسي هراسائڻ واري عمل کان پري رکي سگهي ٿي.



## والدين ۽ استادن لاءِ اِي سي ڊي مئگزين جو تازو شمارو

نرچر ۾ ان جو اردو ترجمو پرورش ايس اِي ايف پاران شايع ڪيا ويندا آهن جن کي رليزنگ ڪانفيڊينس اينڊ ڪرئيٽوٽي: اِي سي ڊي پروگرام جي معاونت حاصل آهي. هن تازي شماري ۾ ابتدائي ننڍپڻ جي نشوونما ۽ ٻارن جي نشوونما جي حوالي سان نازڪ/ ڏکيا مرحلا ۽ ڪميونٽيز کي ٻارن جي حوالي سان بهتر سنڀاليندڙ طور تي رهنمائي ڪرڻ شامل آهن.

انگريزي ۽ سندس اردو ترجمي وارا شمارا هاٿي فائونڊيشن جي ويب سائيٽ تي پڙهي سگهجن ٿا ان ڪانسواءِ اهي اسڪولن، اسٽيڪ هولڊرز، اسڪول جي هيڊز ۽ اِي سي ڊي تي ڪم ڪندڙ تنظيمون جيڪي ڪميونٽيز کي ٻارن جي بهترين پرورش جي حوالي سان تعليم ۽ آگاهي ڏيارين ٿيون تن ڏي اهي ميگزين اماڻيا وڃن ٿا.




## چلڊرنز نيوز ليٽر

چلڊرنز نيوز ليٽر هڪ طابعت ۽ ڪلاس روم ريسورس آهي جنهن کي رليزنگ ڪانفيڊينس اينڊ ڪرئيٽوٽي (آر سي سي): اِي سي ڊي پروگرام جي تعاون سان تيار ڪيو ويندو آهي. ٻارن جي حوالي سان هي طباعت ابتدائي سالن ۾ سکڻ وارن مرحلن کي اڳتي وڌائي ٿو، جنهن ۾ اهم موضوعن کي ڪهاڻين ۽ سرگرمين ذريعي اهم مسئلن کي اجاگر ڪري ٻارن کي معلومات ڏني ويندي آهي.

نيوزليٽر جي تازي شمارن ۾ "پليون عادتون"، شايع ٿي چڪو آهي، پليون عادتن واري شماري ۾ ٻارن کي خراب شين جي استعمال جي عادتن کان بچڻ جنهن سان ڪين اڳتي هلي ڪري نقصان پهچي سگهي ٿو ۽ انهن جي ڪارڪردگي پڻ متاثر ٿئي ٿي جنهن سبب معاشري ۾ اهڙن ماڻهن جي عزت ناهي ٿيندي بابت آگاهي ڏني وئي آهي




## بالغن جي تعليم لاءِ رهبر

تازو ايس اِي ايف پاران بالغن جي سکيا جي ذريعن ۾ "درد کي رشتي" هڪ نئون شمارو شايع ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب جي ليکڪ ايس اِي ايف جي بالغن جي سکيا جي حوالي سان ماهر پروفيسر ريحانہ مغني آهي جيڪا هن طباعت کي ڪميونٽي ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ۾ آڻيندي جنهن ۾ سماجي مسئلا جيڪي خاص طور تي عورتن سان لاڳاپيل آهن تہ هڪ سماجي فرد جي حيثيت ۾ سماج کي اڄان بهتر ڪرڻ ۾ اُنهن جو ڪهڙو ڪردار هجڻ گهرجي. هن طباعت ۾ ڪهاڻي جي مختلف موضوعن کي ڪٺي اُنهن تي سنڌ جي مختلف علائقن ۾ موجود ڪميونٽيز سان ڳالهہ ٻولهہ ڪانپوءِ لکي ويو خاص طور تي ڏورانهن علائقن جي هيٺين سطح جي عورتن کان اُنهن جي تجربن ۽ مشاهدن جي حاصل ڪيل مواد کي سامهون رکي لکيو ويو.

ايس اِي ايف پاران باقائده طور تي بالغن جي سکيا جي حوالي سان سکيا جا مواد ۽ مسئلن جي حل تي ٻڌل ريسورس شايع ڪيا ويندا آهن ۽ اهو فائونڊيشن پاران بالغ عورتن جي تعليم ۽ سجاڳي لاءِ مسلسل ٿيندڙ ڪوشش جو ڪليل اظهار آهي.

# نوجوان قيدين لاءِ تعليمي سهولتون مهيا ڪرڻ واري تقريب




سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران 12 ڊسمبر 2011ع تي نوجوان قيدين لاءِ جيل اسڪول پروجيڪٽ جي تقريب جو بندوبست ڪيو ويو. هي تقريب سکر سينٽر جيل ۾ ٿي جنهن ۾ 100 کان مٿي فردن جنهن ۾ سرڪاري نمائيندن، پوليس اهلڪارن، ميڊيا جي نمائيندن، سول سوسائٽي جي نمائيندن ۽ ايس اِي ايف جي سينيئر مئنيجمينٽ پاران شرڪت ڪئي وئي.

هن تقريب ۾ مهمان خصوص قانون ۽ جيلن جو صوبائي وزير جناب اياز سومرو شرڪت ڪئي هن تقريب ۾ جيل اندر فارمل ايجوڪيشن کي شروع ڪرڻ وارو پروگرام جو افتتاح ڪيو ۽ هڪ اسڪول قائم ڪيو ويو جيڪو جيل اندر پهريون اسڪول آهي. جناب اياز سومرو صاحب ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته جيل جو مقصد معاشري جي بگڙيل عنصرن کي صحيح دڳ لائي معاشري ۾ بيهر موڪلڻ آهي پر جيڪڏهن انهن کي جيلن اندر تعليم به مهيا ڪئي وڃي ته ان جي بهتر ٿيڻ لاءِ ان کان بهتر ٻي ڪا ڳالهه ناهي. هن سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو پٺتي پيل علائقن ۾ معياري تعليم جي حوالي سان ڪوشش کي تمام گهڻو ساراهيو جن ۾ جيل اسڪول وارو قدم پڻ ڪنهن به مثبت موٽ کان گهٽ ناهي.

هن تقريب کي ايم ڊي، ايس اِي ايف جو وڊيو ميسج وسيلي خطاب ۾ خصوصاً قيدين کي مخاطب ٿيندي چيو ته اهي هن موقعي مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪن ۽ تعليم وسيلي پاڻ کي بهتر بڻائين. هن اها اميد ظاهر ڪئي ته تعليم حاصل ڪري هتان جا قيدي مستقبل ۾ پنهنجي ڪٽنب، ڪميونٽي، معاشري ۽ ملڪ لاءِ ڪارگر فرد ثابت ٿيندا. ان موقعي تي فائونڊيشن جي ڊائريڪٽر جناب عزيز ڪاباني تعليمي سهولتن ڏيڻ جي حوالي سان تفصيل ٻڌايا ۽ قيدي نوجوانن جي لاءِ اميد ظاهر ڪئي ته ان تعليمي حاصل ڪري اندهيرن مان نڪري روشني طرف وڌندا ۽ معاشري ۾ مثبت ڪردار ادا ڪندا. ايس اِي ايف جي سينيئر مينيجر جناب عدنان ميمڻ ان موقعي تي فائونڊيشن بابت پريزينٽيشن ڏيندي ايس اِي ايف جي ڪم ڪارين بابت مهمانن کي آگاهي فراهم ڪئي ۽ جيل ۾ شروع ڪيل اسڪول پروجيڪٽ جا تفصيل پڻ ڏنا ته جيل اسڪول ۾ تعليم ڏيارڻ جو مقصدن ۾ انهن نوجوانن کي پڙهائي سان گڏ هنري تعليم پڻ ڏني ويندي.

ان موقعي تي ايس اِي ايف ۽ سکر سينٽر جيل جي سپرينٽينڊينٽ وچ ۾ معاهدي تي صحي ڪيون ويون ۽ اهو معاهدو جناب اياز سومرو (وزير قانون ۽ جيل سنڌ) کي پيش ڪيو ويو، جنهن بعد سپرينٽينڊيٽ سکر سينٽرل جيل جناب قاضي نذير احمد ايس اِي ايف جي هن قدم جي آجيان ڪندي خواندگي ۽ تعليم جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو ته جڏهن اهي ٻار جيل کان ٻاهر ايندا ته اهي هن تعليم ۽ هنري سکيا وسيلي معاشري ۾ عزت جي زندگي گهاريندا.

ڊاڪٽر امير احمد شيخ (ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس سکر ريجن ان موقعي تي سيني کي دعوت ڏني ته هن پروجيڪٽ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪن



قيدي شاگردن جي مستقبل ۾ بهتري آڻي انهن جي زندگين کي بدلائين. هن وڌيڪ چيو ته سکر جيل ۾ ان قدم کانپوءِ اسان کي اميد آهي ته ايس اِي ايف سنڌ اندر ٻين جيلن ۾ پڻ اهي تعليمي سرگرميون شروع ڪندو ته جيئن سنڌ جي تمام جيلن ۾ اهڙو ماحول جڙي جو قيدي جيلن کان نڪرڻ کانپوءِ معاشري جا ڪارگرد فرد ثابت ٿين

نوجوان قيدين لاءِ جيل اسڪول جو قدم سندن زندگي لاءِ نئون باب آهي جيڪو کين بهتر زندگي گهارڻ ڏانهن موقعو فراهم ڪري رهيو آهي. اُن موقعي تي اهي قيدي شاگرد جيڪي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان اڳيرا هئا تن جو چوڻ آهي ته جيل ۾ تعليم حاصل ڪري اهي جيل کان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ جيل مان تعليم ۽ هنر ذريعي بيهر معاشري ۾ بهتر فرد جي صورت ۾ شمار ٿيندا. ان موقعي تي قيدين تمام گهڻي خوشي جو اظهار ڪيو ۽ فائونڊيشن طرفان حاصل ڪيل تحفن ۽ تدريسي ڪتابن کي پنهنجي لاءِ هڪ وڏي نعمت سمجهيو.

# بالغ سکندڙن لاءِ ڪورس مڪمل ڪرڻ واري تقريب

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران بالغن وارو تعليمي نصاب مڪمل ڪندڙ ڪراچي ۽ سيوهڻ جي 300 عورتن جي ڪاميابي تي هڪ تقريب جو انعقاد ڪيو ويو. هي تقريب 30 نومبر 2011ع تي ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ ٿي گڏري جنهن ۾ وومينز لٽريسي اينڊ ايمپاورمينٽ پروگرام (وليپ) جي 200 کان مٿي ٽيچرز ۽ سکيا وٺندڙن ۽ انهن سان گڏ سول سوسائٽي جي ميمبرن، حڪومتي نمائيندن، ميڊيا جي نمائيندن، تعليمدانن ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر جي نمائيندن حصو ورتو. وليپ جي گڏيل نصاب جنهن ۾ ملينيم ڊويلپمينٽ گولز (ايم ڊي جيز) جي مقصدن کي شامل ڪندي بنيادي صحت، ابتدائي ننيپڻ جي تعليم ۽ عورتن کي پاڻيرو ڪرڻ جنهن ۾ تعليم ۽ هنري تعليم وارا پاسا پڻ شامل ڪيا ويا آهن ته جيئن بالغ عورتن کي معاشري جو ڪارآمد فرد طور نروار ڪجي. سن 2011ع ۾ 23 بالغ سکيا مرڪزن جي 300 ڪامياب سکندڙن پاران پرائمري سطح کي پورو ڪيو ويو هي نصاب قومي نصاب تحت جڙيل آهي. ان حوالي سان ڪاميابي حاصل ڪندڙن جي حوصلا افزائي لاءِ کين سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا. هي سرٽيفڪيٽ 80 ڪامياب سکندڙن جن تقريب ۾ حصو ورتو کي ڏنا ويا. باقي ٻين کي مڃتا وارا سرٽيفڪيٽ مليرڪراچي ۽ سيوهڻ مرڪزن ۾ ڏنا ويا.

ان موقعي تي پروفيسر انيتا غلام علي (ستارهِ امتياز) ڪامياب عورتن ۽ وليپ جي سموري ٽيم کي مبارڪباد ڏني تہ انهن بالغن لاءِ هڪ ڪامياب تعليمي ۽ پاٽيرائپ وارو مرڪز بحيثيت ماڊل جوڙيو آهي. پروفيسر انيتا غلام علي زورڏيندي چيو تہ عورتن جي ترقيءَ لاءِ فائونڊيش پاران ڪنيل تعليمي قدم، گهٽي عرصي تائين جاري رهندي سنڌ جي ڏورانهن ۽ معاشي طور تي پٺتي پيل ڪميونٽي جي فردن لاءِ معياري تعليم جو تسلسل قائم رکندو. ان موقعي تي مشهور اسپيڪر ڊاڪٽر حبيب حسن جيڪا ماهر اطفال آهي ۽ عورتن جي حقن جي علمبردار چيو تہ فائونڊيشن پاران اڻ ٿڪ محنت ۽ مئنجنگ ڊائريڪٽر جي وسيع النظري سوچ تحت اهي عورتون پاڻ پريون ٿيون ۽ کين اهو موقعو مليو آهي تہ اهي ڪميونٽي ۾ بنيادي تبديلي آڻين پيون خاص طور عورتن جي حوالي سان ۽ اها سوچ ۽ موقعو کين اڳ حاصل نہ هو.




ان موقعي تي بالغن جي تعليم جي ماهر پروفيسر ريحانہ مغني پڻ تازو تيار ڪيل بالغن جي تعليم جو رهبر "درد ڪي رشتي" بابت آگاهي فراهم ڪئي. هن ٻڌايو تہ هي رهبر مقامي ۽ مضمونن جي تسلسل سان لاڳاپيل رهبر آهي جنهن ۾ جديد طريقي سان بالغن کي تعليم ڏيئي سگهجي ٿي. هن ڪتاب جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌايو تہ هن رهبر يا ڪتاب ۾ نہ فقط معاشري ۾ موجود مسئلن جنهن کي ڪميونٽي جي سالن جي جوڙيل سوچ تحت حل ڪرڻ جي طريقن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي جيڪي ڳالهيون سيني در سيني هلنديون پيون اچن. هن تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سيني کي درد ڪي رشتي ڪتاب جي هڪ هڪ ڪاپي فراهم ڪئي وئي.

## پي پي آر ايس فيز 3 پاران 185 نوان اسڪول قائم ڪرڻ واري تقريب جو افتتاح






ڪراچي جي هڪ مقامي هوٽل ۾ 29 آڪٽوبر 2011ع تي پروموٽنگ پرائيويٽ اسڪولنگ ان رورل سنڌ جي ٽئين مرحلي جي پهرين رائونڊ جو افتتاحي پروگرام سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ 350 ڪان مٿي ماڻهن شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن ۾ نوان چونڊيل اسڪول انٽيپرينيوئرز، اين جي اوز، اسڪول ايڊمنسٽريٽرز، سول سوسائٽي جي تنظيمون، حڪومتي نمائيندن، ميڊيا جي نمائيندن، تعليمدان ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر جا نمائيندا شامل هئا. هن تقريب ۾ مهمان خصوصي طور تي جناب ڊاڪٽر محمد ميمڻ ڊائريڪٽر اي ڪي يو انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊويلپمينٽ شرڪت ڪئي ۽ 185 نون نجي اسڪولن کي پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو جيئن پروگرام تحت سنڌ جي 10 ضلعن ۾ 300 اسڪولن جو انگ پورو ڪري سگهجي. جيڪي اڳ ئي پروجيڪٽ جي فيز 1 ۽ 2 تحت معاونت حاصل ڪري رهيا آهن. جناب محمد ميمڻ (ڊائريڪٽر اي ڪي يو_آءِ اِي ڊي) پروجيڪٽ جي ڪاميابي تي کين ۽ ليڊرشپ جي ڪردار کي ساراهيو ۽ پبلڪ سيڪٽر کي هن ڪم لاءِ آماده ڪرڻ جنهن تحت اهي سنڌ جي ڏورانهن علائقن جي ڪميونٽي جي ٻارن لاءِ تعليم جي حوالي سان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿي فائونڊيشن جو ساٿ ڏنائون. ان ڪانسواءِ هن پروگرام جي ڪاميابي جي حوالي سان ورلڊ بئنڪ جي ڏنل رپورٽ جو پڻ حوالو ڏنو.

ان موقعي تي پروفيسر انيتا غلام علي (ايم ڊي_ ايس اِي ايف) خطاب ڪندي پي پي آر ايس جي ڪاميابي کي ساراهيندي ٻڌايو تہ پي پي آر ايس فائونڊيشن پاران پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ طور تي ڪنيل قدم آهي جنهن کي حڪومت سنڌ جي معاونت حاصل آهي. پاڻ 185 ڪامياب اسڪول آپريٽرز کي مبارڪباد پيش ڪندي کين تعليم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ گڏ هلڻ جي دعوت ڏني. ان وڌيڪ چيو تہ مقصد فقط اسڪول کولڻ ناهي پر ان کي ڪميونٽي لاءِ پائيدار اداري طور سکيا جو مرڪز بڻائڻو آهي تہ جيئن معياري تعليم ۽ سکيا ٻارن تائين رسي سگهي. جناب دشيانت راجو (سينيئر اڪنامسٽ، ورلڊ بئنڪ) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي هن ڪوشش کي ساراهيندي چيو تہ هي پروگرام ترقي پذير ملڪن ۾ انتهائي فائديمند قدم ثابت ٿيو آهي جو اهو گهٽ لاڳت وارو پروجيڪٽ آهي. 185 اسڪول انٽرپرينيئورز کي سيمينار جي پڄاڻي تي آفر ليٽر ڏنا ويا.